

رسالہ نمبر: 2

# اِحتِرامِ مُسلم


شَیخِ طَرِیقَت، اَمِیرِ اَہلِسُنّت، بانیِٔ دعوتِ اِسلامی، حَضرَت علّامہ مولانا ابُو بِلال

محمّد اِلیاس عَطّار قادِری رَضَوی

دامت برکاتہم العالیۃ



مکتبۃ المدینہ
MAKTABA TUL MADINAH

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا. (مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



رسالي جو نالو: احترامِ مسلم

ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1436ھ، جون 2015ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگڙتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

# احترام مسلم

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

### ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# احترام مسلم [1]

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري صرف (40 صفحات) تي مشتمل هي بيان مڪمل پڙهي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان تقرُّب نشان آهي: "قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اهو هوندو جنهن مون تي وڌيڪ درود شريف پڙهيا هوندا."

(ترمذي ج 2 ص 27 حديث 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوٽو سڪو

حضرت سيِّدُنا شيخ ابوعبدُالله خيّاط رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ هڪ آتش پرست (باهہ جو پوڄاري) ڪپڙا سبرائيندو هو ۽ هر ڀيري اُجرت ۾ ڪوٽو سڪو ڏئي ويندو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه چپ چاپ وٺي ڇڏيندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غير موجودگيءَ ۾ شاگرد آتش پرست کان ڪوٽو سڪو نہ ورتو. جڏهن واپس تشريف فرما ٿيا ۽

[1] هي بيان امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي اجتماع (11، 12، 13 شعبان المعظم 1423ھ چنجر جي ڏينهن مدينة الاولياء ملتان) ۾ فرمايو، ترميم سان تحريرًا حاضرِ خدمت آهي.
مجلس مڪتبة المدينہ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

معلوم ٿيو ته شاگرد کي فرمايو: توهان ڪوٺو درهم ڇو نه ورتو؟ ڪيترن ئي سالن کان هو مون کي ڪوٺو سڪو ئي ڏيندو رهيو آهي ۽ مان به ڄاڻي واڻي ونئي ڇڏيندو آهيان ته جيئن هي ڪوٺو سڪو ڪنهن ٻئي مسلمان کي نه ڏئي اچي. (احياء العلوم ج 3 ص87 مخلصا)

## دعوت اسلامي چا ٿي چاهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! ٻهرين جي بزرگن ۾ **احترامِ مسلم** جو جذبو ڪيتري قدر ڀريل هيو. ڪنهن بي خبر مسلمان ڀاءُ کي اتفاقي نقصان کان بچائڻ جي لاءِ به پنهنجو نقصان برداشت ڪيو ويندو هو، جڏهن ته اڄ ڀاءُ ڀاءُ کي ئي ڦُرڻ ۾ مصروف آهي. تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي بزرگن جي دؤر جي ياد تازي ڪرڻ چاهي ٿي. "**دعوت اسلامي**" نفرتون مٽائيندي ۽ محبتن جو جام پياريندي آهي، هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته عاشقان رسول جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو"فڪرِ مدينه" جي ذريعي **مدني انعامات** جو رسالو ڀري هر مدني مهيني جي ٻهرين ڏينهن پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻائي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **احترامِ مسلم** جو جذبو پيدا ٿيندو. جيڪڏهن ايئن ٿي ويو ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اسان جو معاشرو هڪ ڀيرو وري **مدينه منوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا جي دلڪش و خوشگوار، خوشبودار ۽ سدا بهار رنگ برنگي گلن سان ڀريل حسين گلزار بڻجي ويندو.

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

طیبہ کے سوا سب باغ پامالِ فنا ہونگے
دیکھو گے چمن والو جب عہدِ خزاں آیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽي شخص جنت کان (ابتداءً) محروم

والدين ۽ ٻيا ذَوِالاَرْحَام (يعني جن سان رت جو رشتو هجي ترتيبوار) معاشري ۾ سڀني کان وڌيڪ احترام ۽ حُسن سلوڪ جا حقدار هوندا آهن. پر افسوس جو ان جي طرف هاڻي ڌيان گهٽ ڏنو ويندو آهي. ڪجهه ماڻهو عوام جي سامهون انتهائي عاجزي ڪندڙ ۽ سنو ميل جول رکندڙ سمجهيا ويندا آهن پر اهي پنهنجي گهر ۾ بالخصوص والدين جي حق ۾ نهايت ئي سخت مزاج ۽ بد اخلاق هوندا آهن. اهڙن جي توجهه جي لاءِ عرض آهي تہ حضرتِ سيِّدُنا عبدُاللہ ابن عُمَر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت آهي، سرڪارِ دو عالم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ٽي شخص جنّت ۾ نہ ويندا، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو، دَيُّوث ۽ مرداڻو انداز ٺاهڻ واري عورت. (مَجمَعُ الزَّوائد، ج 8 ص 270، حديث 13432)

## دَيوث جي معنٰي

بيان ڪيل حديثِ مبارڪ ۾ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ واري سان گڏوگڏ "دَيُّوث" جي باري ۾ بہ وَعيد آهي تہ اهو جنت کان محروم ڪيو ويندو. "دَيُّوث" يعني اهو شخص جيڪو پنهنجي

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعالٰي توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

گهرواريءَ يا ڪنهن مَحرم تي غيرت نہ ڪائي. (درِّمختار ج 6 ص 113)
مطلب اهو تہ قدرت جي باوجود پنهنجي گهرواري، ماءُ، ڀينرن ۽ جوان ڌيئرن وغيره کي گلين بازارن، شاپنگ سينٽرن ۽ **مخلوط** تفريح گاهن ۾ بي پرده گهمڻ ڦرڻ، اجنبي پاڙي وارن، نامحرم رشتيدارن، غيرمَحرم ملازمن، چوڪيدارن ۽ ڊرائيوارن سان بي تڪلّفي ۽ بي پردگي کان منع نہ ڪرڻ وارا **دَيُّوث**، جنّت کان محروم ۽ جهنّم جا حقدار آهن.

**ياد رکو!** ڀين نا محرمن سان ڳڙوڳڙ سؤٺ، ماروٽ، ماسات، ڦفات، چاچي، مامي، ڀيڻوئي، ماسڙ ۽ ڦڦڙ، ڏير ۽ ڀاڄائي جي درميان بہ شريعت پردو رکيو آهي. جيڪڏهن عورت ذڪر ٿيل رشتيدارن سان بي تڪلُّف رهندي ۽ انهن کان شرعي پردو نہ ڪندي تہ جهنم جي حقدار آهي ۽ مڙس پنهنجي طاقت جي مطابق گهرواريءَ کي هن گناهہ کان نہ روڪيندو تہ شرعاً "**دَيُّوث**"، شروع ۾ جنّت کان محروم ۽ جهنَّم جي عذاب جو مستحق آهي. جيڪو اعلانيہ دَيُّوث آهي اهو فاسق مُعلِن، ناقابلِ امامت ۽ مردودُ الشّهادة (يعني گواهي جي لاءِ نالائق) آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو رسالو پري هر مدني مهيني جي پهرين ڏينهن پنهنجي علائقي جي ذِميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بي حيائي جي مرض دَيُّوثي ۽ ٻين گناهن جا مرض به اُن مني مني مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ختم ٿيندا جن جي حيا سان جُهڪيل مبارڪ نگاهن جو واسطو پيش ڪندي منهنجا آقا اعلٰي حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ ربُّ الْعِزّت ۾ عرض ڪن ٿا:

يا الٰہی رنگ لائیں جب مری بے باکیاں
اُن کی نیچی نیچی نظروں کی حیا کا ساتھ ہو (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مردائي لباس واري جنت کان محروم

حديث پاڪ ۾ مردائي صورت ٺاهڻ واري عورت کي به جنّت کان محروم قرار ڏنو ويو آهي. تہ جيڪا عورت مرداڻو لباس، يا مرداڻو چپل پائي يا مرداڻي طرز جا وار ڪترائي اها به هن وَعيد ۾ داخل آهي. اڄڪلهہ ٻارن ۾ هن ڳالهہ جو ڪو لحاظ ناهي رکيو ويندو، ڇوڪر کي ڇوڪريءَ جا ڪپڙا پارايا ويندا آهن جنهن مان اهو ڇوڪري معلوم ٿيندو آهي جڏهن تہ ڇوڪريءَ کي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڇوڪرن جا ڪپڙا مثلاً پينٽ شرٽ، ڇوڪرن جا چپل ۽ ٽوپي وغيره پارايا ويندا آهن، وار بہ ڇوڪرن جهڙا رکرايا ويندا آهن جو ڏسڻ ۾ بلڪل ڇوڪرو معلوم ٿيندي آهي. صَدرُالشَّرِيعہ، بَدرُالطَّرِيقہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی لکن ٿا: ”ٻارن جي هٿن پيرن ۾ بغير ضرورت جي مهندي لڳائڻ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

ناجائز آهي. عورت خود پنهنجي هٿن پيرن ۾ لڳائي سگهي ٿي پر چوڪري (پُٽ) وغيره کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي.“

(بهارشريعت ج3 ص428)

**پنهنجي** ٻارن کي اهڙا بابا سوٽ نہ پارايو جن تي انسان يا جانور جي تصوير ٺهيل هجي، ٻارن کي نيل پالش بہ نہ لڳايو ۽ ٻارن جي ماءُ بہ هرگز نہ لڳائي ڇوتہ نيل پالش لڳل هئڻ جي صورت ۾ ان جي هيٺ ننهن تي پاڻي نہ وهندو، انهيءَ لاءِ وضو ۽ غسل ناهي ٿيندو.

## وڏي ڀاءُ جو احترام

والدين سان گڏوگڏ ٻين خاندان وارن مثلاً ڀائرن ۽ ڀينرن جو بہ خيال رکڻ گهرجي. والد صاحب ڪانپوءِ ڏاڏي ۽ وڏي ڀاءُ جو مرتبو آهي ڇو تہ وڏو ڀاءُ والد جي جڳهہ تي هوندو آهي. مصطفٰي جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت، تاجدارِ رسالت، صاحبِ جُود و سخاوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: ”وڏي ڀاءُ جو حق ننڍي ڀاءُ تي ائين آهي جيئن پيءُ جو حق اولاد تي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 210 حديث 7929)

## اولاد کي ادب سيکاريو

والدين کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اولاد جي حقوق جو خيال رکن، انهن کي مادرن ٻٽائڻ جي بجاءِ سنّتن جو هلندڙ ڦرندڙ نمونو ٺاهين، انهن جا اخلاق سنوارين، بُري صحبت کان پري

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

رکن. سنّتن پريي **مدني ماحول** سان وابستہ ڪن. فلمن ڊرامن ۽ بُري رسم ۽ رواجن سان پرپور ياد خدا ۽ ياد مصطفٰي ڪان پري ڪرڻ وارن بي حَيائي واري فنڪشنن ڪان بچائين. اڄڪلھ شايد ماءُ پيءُ اولاد جا حقَ اِهي ئي سمجهندا آهن تہ انهن کي دنياوي تعليم ملي وڃي، هنر ۽ مال ڪمائڻ اچي وڃي. آھ!پنهنجي جگر جي ٽڪري جي لباس ۽ بدن کي تہ مير ۽ گندگي ڪان بچائڻ جو تہ ذهن هوندو آهي پر پار جي دل، دماغ ۽ اعمال جي پاڪيزگيءَ جو ڪو خيال ناهي هوندو. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، **دَانَاءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عَنِ العُيُوب** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”ڪو شخص پنهنجي اولاد کي ادب سيکاري اهو ان جي لاءِ هڪ صاع (يعني تقريبًا چار ڪلو) صدقو ڪرڻ ڪان افضل آهي.“ (ترمذي ج 3، ص 382، حديث 1958) ۽ ارشاد آهي تہ ”ڪنهن پيءُ پنهنجي اولاد کي ڪا شيءِ اهڙي نہ ڏني جيڪا سٺي ادب ڪان بهتر هجي.“ (ترمذي ج 3 ص 383 حديث 1959)

## گهرن ۾ مدني ماحول نہ هجڻ جو هڪ سبب

افسوس! اڄڪلھ اسان مان اڪثر جي گهرن ۾ ”مدني ماحول“ بلڪل ناهي. ان ۾ ڪافي حد تائين اسان جو پنهنجو بہ قصور آهي. گهروارن سان اسان جي بي انتها بي تڪلُّفي، کِل مذاق، تو تڙاق ۽ بداخلاقي ۽ تمام گهٽي بي تَوجُّهي وغيره هن جا سبب آهن. عام ماڻهن سان تہ اسان جا ڪجهہ اسلامي پائر انتهائي عاجزي ۽ مسڪينيءَ سان پيش ايندا آهن پر گهر ۾ ”ببر شير“ جيان گرجندا

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويندو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

آهن، هن طرح گهر ۾ وقار قائم ٿيندو ئي ناهي ۽ گهر وارا ويچارا اڪثر اصلاح کان محروم رهجي ويندا آهن. خبردار! جيڪڏهن توهان پنهنجا اخلاق نہ سنواريا، گهر وارن سان عاجزي ۽ خوش مزاجيءَ جو مظاهرو ڪري انهن جي اصلاح جي ڪوشش نہ ڪئي تہ ڪٿي جهنم ۾ نہ وڃي پئو. اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ 28 سيپاري سُورةُ التَّحرِيم جي آيت 6 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

## گهروارن کي دوزخ کان ڪيئن بچايون

هن آيت جي تحت خَزائِنُ العِرفان ۾ آهي، اللّٰه تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون ڪري، گناهن کان پري رهي گهر وارن کي نيڪيءَ جي هدايت ۽ بديءَ کان منع ڪري ۽ انهن کي علم ۽ ادب سيکاري (پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهروارن کي جهنم جي باه کان بچايو)

## رشتيدارن جو احترام

سيني رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. حضرت سيّدُنا عاصِم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن کي هي پسند هجي تہ عُمر وڌي ٿئي ۽ رزق ۾ ڪشادگي ٿئي ۽ بُري موت دفع ٿئي اهو **اللّٰه تعاليٰ** کان ڊڄندو

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

رهي ۽ رشتيدارن سان سُهڻو سلوڪ ڪري.“
(المستدرڪ، ج 5 ص 222، حديث 7362)

مصطفٰي جانِ رحمت، شمع بزمِ هِدايت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

”رشتو ٽوڙڻ وارو جنّت ۾ نه ويندو“ (بخاري، ج 4 ص 97 حديث 5984)

## رشتي دارن سان حسن سلوڪ جا مدني گل

## صِلهٴ رحمي جي معنٰي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت حصو (16)“ صفحي 201 کان 203 تي آهي: صِلَہٴ رِحم جي معنٰي رشتي کي جوڙڻ آهي يعني رشتي وارن سان نيڪي ۽ سهڻو سلوڪ ڪرڻ. سڄي امت جو ان تي اتفاق آهي ته صِلَہٴ رِحم واجب آهي ۽ قَطعِ رِحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) حرام آهي.

## ڪهڙن رشتيدارن سان صِلَہٴ واجب آهي؟

جن رشتيدارن سان صِلَہٴ (رِحم) واجب آهي اهي ڪير آهن؟ ڪجهه عالمن فرمايو: اهي **ذورِحَم مَحَرَم** آهن ۽ ڪجهه عالمن فرمايو: ان کان مراد **ذُو رِحَم** آهن، محرم هجن يا نه هجن. ۽ انهن مان ظاهر ٻئي نمبر وارو قول آهي، **حديثن** ۾ مطلقًا (يعني بغير ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صِلَہٴ (سلوڪ) ڪرڻ جو حڪم ايندو آهي، قرآنِ ڪريم ۾ مطلقًا (بلا قيد) ذَوِي القُربٰي (قريبي رشتيدار) فرمايو ويو پر اها ڳالهه ضرور آهي ته رشتي

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۾ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

۾ جيئن تہ مختلف درجا آهن (انهيءَ طرح) صِلَہء رِحَم (يعني رشتيدارن سان حسن سلوڪ) جي درجن ۾ بہ تفاوت (يعني فرق) هوندو آهي. والدين جو مرتبو سب کان وڌيڪ آهي، ان کان پوءِ ”ذُورِحَم مَحرَم“جو، (يعني اهي رشتيدار جن سان نسبي رشتو هئڻ جي وجہ سان نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي) ان کان پوءِ باقي رشتيدارن جو علٰي قدرِ مراتِب. (يعني رشتي ۾ ويجهڙائي جي ترتيب جي مطابق). (ردّالمحتار ج9 ص678)

## ”ذُورِحم مَحرم“ ۽ ”ذورِحم“ مان مراد

مُفَسِّرِ شَهير، حَكيمُ الأُمَّت، حضرتِ مفتي احمد يارخان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْحَنَّان سُورَةُ الْبَقَرة جي آيت 83

وَ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِی الْقُرْبٰی

ترجموڪنزالايمان: ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن سان.

جي تحت ”تفسير نعيمي“ ۾ لکن ٿا: ۽ قربٰي بمعنٰي قَرابَت آهي يعني پنهنجي ويجهي رشتيدارن سان احسان ڪريو، جو تہ ويجهي رشتيدارن جو رشتو ماءُ پيءُ جي ذريعي هوندو آهي ۽ انهن جو احسان بہ ماءُ پيءُ جي مقابلي ۾ گهٽ آهي اِنهيءَ لاءِ انهن جو حق بہ ماءُ پيءُ کان پوءِ آهي، هن جڳهہ تي بہ ڪجهہ هدايتون آهن:

**پهرين هدايت:** ذِی الْقُرْبٰی اهي ماڻهون آهن جنهن جو رشتو ماءُ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

پيءُ جي ذريعي هجي جنهن کي ”ذِي رِحَم“ به چوندا آهن، اهي ٽن قسمن جا آهن: هڪڙا پيءُ جا ويجها رشتيدار جيئن ڏاڏو، ڏاڏي، چاچو، پُڦي وغيره ٻيا ماءُ جا جيئن نانو، ناني، مامو، ماسي، اخيافي (يعني جن جو پيءُ الڳ الڳ هجي ۽ ماءُ هڪ هجي اهڙي ڀاءُ ۽ ڀيڻ جو) ڀاءُ وغيره، ٽيان ٻنهي جا رشتيدار جيئن حقيقي ڀاءُ ڀيڻ. انهن مان جنهن جو رشتو قوي هوندو ان جو حق مُقَدَّم.

**ٻين هدايت:** قريبي رشتيدار ٻن قسمن جا آهن هڪ اهي جن سان نڪاح حرام آهي، انهن کي ذِي رِحَم مَحرَم (يعني اهڙو قريبي رشتيدار جو جيڪڏهن انهن مان جنهن ڪنهن کي به مرد ۽ ٻئي کي عورت فرض ڪيو وڃي ته نڪاح هميشه جي لاءِ حرام ٿئي جيئن پيءُ، ماءُ، پٽ، ڌيءَ، ڀاءُ، ڀيڻ، چاچو، پُڦي، مامو، ماسي، ڀاڻيجو، ڀاڻيجي وغيره) چوندا آهن، جيئن چاچو، پُڦي، مامو، ماسي وغيره. ضرورت جي وقت انهن جي خدمت ڪرڻ فرض آهي نه ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو. ٻيا اهي جن سان نڪاح حلال جيئن ماسي، مامي، چاچي جي اولاد، انهن سان احسان ۽ سلوڪ ڪرڻ **سنّتِ مُوَڪّده** آهي ۽ گهڻو ثواب پر هر ويجهي رشتيدار بلڪ سڀني مسلمانن سان سُني اخلاق سان پيش اچڻ ضروري ۽ انهن کي ايذاء پهچائڻ حرام.

(تفسير غزيزي)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

**ٿين هدايت:** ساهورا پري جا رشتيدار ذِي رِحَم نه آهن، ها انهن مان ڪجهه مَحرَم آهن جيئن سَسُ ۽ رضاعي ماءُ، ڪجهه محرم به نه آهن، انهن جا به حق آهن ايتري قدر جو پاڙي وارن جا به حق آهن پر اُهي ماٺهو هِن آيت ۾ داخل نه آهن چو ته هتي رِحِمي ۽ رشتيدار مراد آهن. (تفسير نعيمي ج 1 ص 447)

## رشتيدار ٻئي ملڪ ۾ هجن ته ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ڪو شخص پرديس ۾ آهي ته رشيدارن ڏانهن خط موڪليندو ڪري، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي ته جيئن بي تَعلُّقي پيدا نه ٿئي ۽ ٿي سگهي ته وطن اچي ۽ رشتيدارن سان تعلُّقات تازا ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو. (ردّالمحتار ج9 ص678) هن زماني ۾ رابطو تمام آسان آهي، خط پهچڻ ۾ ڪافي دير لڳندي، ٿي سگهي ته فون ۽ اي ميل جي ذريعي به رابطو رکجي سگهجي ٿو ڇو ته اهي به اِزدِيادِ حُب (يعني محبت وڌائڻ) جا ذريعا آهن .

## رشتو ٽوڙڻ جي هڪ صورت

جڏهن پنهنجو ڪو رشتيدار ڪا حاجت پيش ڪري ته ان جي حاجت پوري ڪري، ان کي رد ڪري ڇڏڻ قَطعِ رِحَم (يعني رشتو ٽوڙڻ) آهي. (دُرَر، ص 323) ياد رهي! **قَطعِ رِحَم** يعني رشتو ٽوڙڻ **حرام** آهي.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڑهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلٰي)

## صِلَء رِحم هي آهي ته اهو ٽوڙي تڏهن به توهان جوڙيو

صِلَء رِحمي (رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) هِن جو نالو نه آهي ته اهو سٺو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪريو، ايئن ڪرڻ ته حقيقت ۾ مُڪافات يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي جيئن ان توهان ڏانهن ڪجهه موڪليو توهان ان ڏانهن موڪلي ڇڏيو، اهو توهان ڏانهن آيو توهان اُن ڏانهن هليا ويا. **حقيقت ۾ صِلَء رِحم** (يعني ڪامل درجي جو رشتيدارن سان حسن سلوڪ) اهو آهي ته اهو ٽوڙي ۽ توهان جوڙيو، اهو توهان کان جدا ٿيڻ چاهي ٿو، **بي اعتنائي** (يعني لاپرواهي) ڪندو آهي ۽ توهان ان سان رشتي جي حقن جي **مُراعات** (يعني لحاظ ۽ رعايت) ڪريو.

(ردّالمحتار ج9 ص678)

## ناراض رشتيدارن سان صلح ڪري وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجي توهان کي مدني التجاء آهي ته جيڪڏهن توهان جي ڪنهن رشتيدار سان ناراضگي آهي جيتوڻيڪ رشتيدار جو ئي قُصور هجي صلح جي لاءِ خود ئي اڳڀرائي ڪريو ۽ خود اڳيان وڌي خوش مزاجيءَ سان انهن سان ملي تعلقات سنواري وٺو. ها جيڪڏهن ڪا شَرعِي مَصلَحت مانع (يعني رڪاوٽ) آهي ته بيشڪ صلح نه ڪريو عاشقانِ رسول جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِمدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي پهرين ڏينهن پنهنجي علائقي

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دروِد پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

جي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم احترامِ مسلم جو توهان جي اندر اهو درد پيدا ٿيندو جو تمام رشتيدارن سان نہ صرف صلح ٿي ويندو بلڪ اهي سڀ جا سڀ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويندا.

سب شکر رنجیاں دور ہوں گی میاں
قافلے میں چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ جي فضيلت

جنهن ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جو پيءُ فوت ٿي وڃي ان کي يتيم چوندا آهن. پر جڏهن ڇوڪر يا ڇوڪري بالغ ٿي ويا تہ هاڻي يتيم جا احڪام ختم ٿيا. يتيمن سان حُسن سلوڪ جو بہ وڏو ثواب آهي. جيئن تہ رسول ڪريم، رؤفُ رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص يتيم جي مٿي تي محض الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هٿ ڦيري تہ جيترن وارن تي ان جو هٿ گذريو هر وار جي بدلي ۾ ان جي لاءِ نيڪيون آهن، ۽ جيڪو شخص يتيم ڇوڪريءَ يا ڇوڪر تي احسان ڪري مان ۽ اهو جنّت ۾ (ٻنهي آڱرين کي ملائي فرمايو) هن طرح هونداسين. (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 272 حديث 22215)

يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ ۽ مسڪين کي کاڌو کارائڻ سان دل جي سختي ختم ٿيندي آهي. جيئن تہ حضرت سيّدنا ابو

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

هُريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته هڪ شخص پنهنجي دل جي سختي جي شڪايت ڪئي. نبيِّ رحمت، شفيع اُمَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ مسڪين کي ماني کارايو.“ (ايضا ج3 ص 335 حديث 9028) ٻي چين دلين جا چين رَحمتِ دارَين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ”ٻار يتيم هجي ته ان جي مٿي تي هٿ ڦيريندي اڳيان آٽي ۽ ٻار جو پيءُ هجي ته هٿ ڦيريندي ڪنڌ جي طرف ڪٽي وڃي“ (معجم اوسط ج 1 ص 351 حديث1279)

## عورت سان نباهڻ جي ڪوشش ڪريو

مرد کي گهرجي ته پنهنجي گهرواريءَ سان سهڻو سلوڪ ڪري ۽ ان کي حڪمتِ عملي سان هلائي. جيئن ته مني مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حڪمتِ نشان آهي. بيشڪ عورت پاسراٽي مان پيدا ڪئي وئي آهي، توهان جي لاءِ ڪنهن طرح به سڌي نه ٿي سگهندي جيڪڏهن توهان ان مان نفعو چاهيو ٿا ته ان جي ٽيڙائپ سان ئي نفعو حاصل ڪري سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن ان کي سڌو ڪرڻ لڳندا ته ٽوڙي ڇڏيندا ۽ ان جو ٽوڙڻ طلاق ڏيڻ آهي.
(صحيح مسلم ص 775، حديث 1468)

## گهرواريءَ سان نرميءَ جي فضيلت

معلوم ٿيو ته ڪجھ نه ڪجھ مزاج جي خلاف حرڪتون ان کان ٿينديون ئي رهنديون، مرد کي گهرجي ته صبر ڪندو رهي. نبين جي سرور، حُسن اخلاق جي پيڪر، محبوب رَبّ اَڪبَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان روح پرور آهي: ڪامل ايمان وارن مان

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اُهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

اهو بہ آهي جيڪو عمده اخلاق وارو ۽ پنهنجي گهرواريءَ سان سيني ڪان وڌيڪ نرم طبيعت وارو هجي.
(ترمذي، ج 4 ص 278، حديث 2621)

## عورت سان درگزر جو معاملو رکو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ انهن ماڻهن لاءِ دعوتِ فِڪر آهي جيڪي ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجي گهرواريءَ کي دڙڪا ڏيندا رهندا آهن بلڪ ماريندا آهن. هڪ نازڪ جنس تي قُوّت جو مظاهرو ڪرڻ ۽ خوامخواهہ رُعب جمائڻ مردانگي ناهي جيڪڏهن عورت جي غلطي هجي تڏهن بہ درگذر کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو تہ جڏهن عورت مان گهڻا فائدا حاصل ٿيندا آهن تہ ان جي نادانين تي صبر بہ ڪرڻ گهرجي، نبيّ رَحمّت، شَفِيعِ اُمَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: مؤمن مرد مؤمنہ عورت سان دشمني نہ تو رکي سگهي. جيڪڏهن ان جي هڪ خصلت بُري لڳندي تہ ٻي پسند اچي ويندي. (مسلم ص 75، حديث 1469)

## لوڻ گهٽو وجهي ڇڏيو

چوندا آهن: هڪ شخص جي گهر واريءَ ڪاڌي ۾ لوڻ گهٽو وجهي ڇڏيو. ان کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳي پر اِهو سوچيندي هو ڪاوڙ پي ويو تہ آئون بہ تہ خطائون ڪندو رهندو آهيان جيڪڏهن اڄ مون گهرواريءَ جي خطا تي سختي سان پڪڙ ڪئي تہ ڪٿي

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ائين نه ٿئي جو سڀاڻي قِيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ به منهنجي خطائن تي گرفت فرمائي. اهڙي طرح اُن دل ئي دل ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي خطا معاف ڪري ڇڏي. وفات کان پوءِ ان کي ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو ته گناهن جي ڪثرت جي ڪري عذاب ٿيڻ وارو ئي هو ته الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: منهنجي ٻانهيءَ ڪاڏي ۾ لوڻ گهٽو وجهي ڇڏيو هو ۽ تو اُن جي خطا معاف ڪري ڇڏي هئي، وڃ مان به اُن جي بدلي ۾ توکي اڄ معاف ڪريان ٿو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت ۽ هر مدني مهيني مدني انعامات جو رسالو ڀري جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بطُفيل مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهريلو ناراضگيون ختم ٿينديون ۽ توهان جو گهر خوشين جو مرڪز بڻجي ويندو ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي خاندان کي مدينه منوره جو نظارو نصيب ٿيندو.

سویا ہوا نصیب جگا دیجئے حُضُور
میٹھا مدینہ مجھ کو دکھا دیجئے حُضور

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مڙس جا حق

گهرواريءَ کي به گهرجي ته پنهنجي مڙس سان نيڪ سلوڪ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

ڪري جيئن تہ مني مني آقا مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: ”قسم آهي ان جو جنهن جي قبضہءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن پيرن کان مٿي تائين مڙس جي سڄي جسم ۾ زخم هجن جن مان گند ۽ رت وارو گند وهندو هجي پوءِ عورت ان کي چٽي تڏهن بہ مڙس جو حق ادا نہ ڪيائين.“

(مسند امام احمد بن حنبل ج 4 ص 318 ، حديث 12614)

## مڙس جو گهر نہ ڇڏي

ڳالهہ ڳالهہ تي رُسي مائٽن ۾ هلي وڃڻ واري عورت هن حديث پاڪ کي بار بار ياد ڪري ۽ دل جي گهراين ۾ لاهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”ٔ (گهرواري) بغير اجازت اُن (يعني مڙس) جي گهر کان نہ وڃي جيڪڏهن (بغير ضرورت) ائين ڪيائين تہ جيستائين توبہ نہ ڪري يا واپس موٽي نہ اچي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ فرشتا ان تي لعنت ڪندا آهن.“

(ڪنزالعمال، ج 16 ص 144 حديث 44801 مخلصًا)

## اڪثر عورتن جي جهنمي هجڻ جو سبب

**ڪجهہ** عورتون پنهنجي مڙسن جون سخت نافرمانيون ۽ ناشڪريون ڪنديون آهن ۽ ٿوري کا ڳالهہ بُري لڳي وڃي تہ پويان سيئي احسان وساري پاراتا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏينديون آهن. جيڪي اسلامي ڀينرون ڳالهہ ڳالهہ تي لعنت ملامت ڪنديون ۽ پاراتا ڏينديون

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعالٰي توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

رهنديون آهن انهن کي ڏجڻ گهرجي جو سرڪارِ نامدار مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڀيري عيد جي ڏينهن عيد گاهه تشريف کڻي ويندي عورتن وٽان گذريا تہ فرمايائون: **اي عورتو!** صدقو ڪنديون ڪريو ڇو تہ مون اڪثر توهان کي جهنّمي ڏٺو آهي. عورتن عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان جو سبب؟ فرمايائون: ”اِن لاءِ جو توهان گهڻي لعنت ڪنديون آهيو ۽ پنهنجي مڙس جي ناشڪري ڪنديون آهيو“ (بخاري ج 1 ص 123 حديث 304)

## پاڙيسرين جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر هڪ کي گهرجي تہ پنهنجي پاڙيسرين سان سهڻو سلوڪ ڪري ۽ بنا مَصلَحَتِ شرعي انهن جي احترام ۾ گهٽتائي نہ ڪري. هڪ شخص حضور سراپاءِ نور، فيض گنجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت با عَظَمت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي هي ڪيئن معلوم ٿئي تہ مون سٺو ڪيو يا بُرو؟ فرمايائون: جڏهن تون پاڙيسرين کي هي چوندو ٻڌين تہ تون سٺو ڪيو تہ بيشڪ تو سٺو ڪيو ۽ جڏهن هي چوندو ٻڌين تہ تون بُرو ڪيو تہ بيشڪ تو بُرو ڪيو آهي.

(ابن ماجہ ج 4 ص 479 حديث 4223)

## اعلٰي ڪردار جي سند

الله اڪبر! پاڙيسرين جي ايتري قدر اهميت جو ڪيريڪٽر

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

**سرٽيفڪيٽ** انهن جي ذريعي ملي. افسوس پوءِ به اڄ پاڙيسرين جو ڪو خيال نٿو رکيو وڃي. عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت ۽ هر مدني مهيني مدني انعامات جو رسالو ڀري جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **بطفيل مصطفيٰ**صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڙيسرين جي اهميت دل ۾ پيدا ٿيندي ۽ انهن جي احترام جو ذهن بڻجندو ۽ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جو پاڙو باغِ مدينه بڻجي ويندو.

بہار آئے محلّے میں مرے بھی یا رسولَ الله
اِدھر بھی تو جھڑی برسے کوئی رحمت کے بادل سے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## امير قافله ڪهڙو هجي؟

سفر ۾ جيڪو اميرِ قافله هجي ان کي پنهنجي ساٿين جو احترام ۽ انهن جي تمام گهڻي خدمت ڪرڻ گهرجي جيئن ته فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: سفر ۾ اهو ئي امير آهي جيڪو انهن جي خدمت ڪري، جيڪو شخص خدمت ۾ وڌي ويو ته ان جا ساٿي ڪنهن عمل ۾ ان کان نه ٿا وڌي سگهن، ها جيڪڏهن انهن مان ڪو شهيد ٿي وڃي ته اهو ئي وڌي ويندو.

(شعب الايمان، ج 6 ص 334 حديث 8407)

## ٻچيل شيون ٻين کي ڏيڻ جي ترغيب

**هڪ** موقعي تي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر ۾ ارشاد

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

فرمايو: جنهن وٽ زيادهہ سواري هجي اهو بغير سواري واري کي عطا ڪري ڇڏي ۽ جنهن وٽ بچيل خوراڪ هجي اهو بغير خوراڪ واري کي ڪارائي ڇڏي ۽ اهڙي طرح بين شين جي متعلق ارشاد فرمايو. حضرت سيِّدُنا ابوسَعِيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ”پاڻ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي طرح مال جا مختلف قسم ذڪر فرمايا ايستائين جو اسان محسوس ڪيو تہ بچيل شيء مان ڪنهن کي پاڻ وٽ رکڻ جو حق ئي ناهي.“ (مسلم ص 952 حديث 1728)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماتَحتن جي باري ۾ سوال ٿيندو

هڪ اميرِ قافلہ ئي نہ هر هڪ کي پنهنجي ماتَحَتن سان حُسن سلوڪ ڪرڻ ضروري آهي جيئن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب دَانَاءِ غُيُوب مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ هدايت نشان آهي: توهان مان هر هڪ نگران آهي ۽ نگراني جي متعلق سيني کان پڇا ٿيندي **بادشاھ** نگران آهي ۽ ان جي رَعايا جي باري ۾ ان کان سوال ٿيندو ۽ مرد پنهنجي گهر جو نگران آهي ۽ ان جي رعايا جي باري ۾ ان کان سوال ٿيندو ۽ عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۾ نگران آهي ۽ ان جي رِعايا جي باري ۾ ان کان سوال ٿيندو. (بخاري ج 2 ص 112 حديث 2409)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ مسلسل سفر جي سعادت ۽ مدني انعامات جو رسالو پري هر مدني

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

مهيني جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ماتحتن جي احترام جو اهو جذبو نصيب ٿيندو جو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هر فرد خوش ٿي اوهان کي دعاءِ مدينہ سان نوازيندو رهندو.

میں دنیا کی دولت کا منگتا نہیں ہوں

مجھے بھائیو ! دو دعائے مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪمن جي ورهاست

سفر جي دؤران ڪنهن هڪ تي سڄو بوجهہ رکڻ جي بجاءِ ڪمن کي پاڻ ۾ تقسيم ڪرڻ گهرجي. جيئن هڪ ڀيري ڪنهن سفر ۾ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻڪري ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڪمَ تقسيم ڪري ڇڏيا. ڪنهن پنهنجي ذِمي ذَبح جو ڪم سنڀاليو تہ ڪنهن کل لاهڻ جو ۽ ڪو پچائڻ جو ذميدار ٿي ويو، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪاٺيون جمع ڪرڻ منهنجي ذِمي آهي. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض گذار ٿيا: آقا! هي بہ اسان ئي ڪري ڇڏينداسين. فرمايائون: هي تہ آئون بہ ڄاڻان ٿو تہ توهان هي ڪم خوشيءَ سان ڪري ڇڏيندا پر مون کي هي پسند ناهي جو توهان ۾ نُمايان رهان ۽ الله عَزَّوَجَلَّ بہ هن کي پسند نٿو فرمائي.

(خلاصہ سير سيد البشر لمحب الدين الطبراني ص75 مخلصًا)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## ٻين کي پنهنجي سيٽ تي جڳهه ڏيو

ٽرين يا بس وغيره ۾ جيڪڏهن سيٽون گهٽ هجن ته اِهو نه هئڻ گهرجي جو ڪجهه وينا ئي رهن ۽ ڪجهه بيٺي بيٺي ئي سفر ڪن. ٺيڪ هي گهرجي ته مَوقع مَحل جي مُناسبت سان سڀ واري واري سان ويهو ۽ ٻين لاءِ پنهنجي سيٽ ايثار ڪري ثواب ڪمايو. ۽ سيٽ ايثار ڪري هِن صورت ۾ به ثواب ڪمائي سگهجي ٿو جڏهن ته سيٽ جي بُڪنگ ڪرائي ڇڏي هجي جو بڪنگ ڪرائڻ سان ايثار ڪرڻ کو منع نٿو ٿي وڃي. حضرت سَيِّدُنا عبدُالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته غزوه بَدر ۾ هڪ اُٺ ٽن ماڻهن لاءِ هو. جيئن ته حضرت ابو لُبابه ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواري ۾ شريڪ هئا، ٻنهي جو بيان آهي ته جڏهن سرڪارِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيادل هلڻ جو وارو ايندو هو ته اسان ٻئي عرض ڪندا هئاسين ته اوهان سوار ئي رهو، اوهان جي بدلي اسين پيادل هلنداسين. ارشاد فرمايائون: توهان مون کان وڌيڪ طاقتور ناهيو ۽ آئون بنسبت توهان جي ثواب کان بي نياز ناهيان (يعني مون کي به ثواب گهرجي پوءِ آئون ڇو پيادل نه هلان!)

(شرح السنه ج 5 ص 566، حديث 2680)

## مدني قافلي ۾ سفر ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ مسلسل سفر جي سعادت ۽ **مدني انعامات** جو رسالو ڀري هر مدني

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

مهيني جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سيٺ ٻين کي پيش ڪرڻ لاءِ ايثار جو جذبو پيدا ٿيندو ۽ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سفرِ حج ۽ ديدارِ مدينه به نصيب ٿيندو ۽ سفر جي دؤران به مديني جي مسافرن لاءِ مِنٰي شريف، مُزْدَلِفه شريف، عَرَفات شريف ۽ مَڪهء مُڪَرَّمه ۽ مدينه منوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ ديوانگي سان سيٺون پيش ڪندي رهڻ جون سعادتون ملنديون رهنديون.

يارب! سُوئے مدينہ مَستانہ بن کے جاؤں
اُس شمعِ دوجہاں کا پروانہ بن کے جاؤں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وڌيڪ جڳهه نه والاريو

**اجتماعن** وغيره ۾ جتي ماڻهو گهڻا هجن اُتي پنهنجي سهولت لاءِ زيادهه جڳهه والاري ٻين لاءِ تنگي جو باعث نه بڻجڻ گهرجي جيئن ته حضرت سيِّدُنا سَهل بن مُعاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو بيان آهي منهنجا والدِ گرامي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جهاد ۾ وياسين ته ماڻهن منزلون تنگ ڪري ڇڏيون (يعني ضرورت کان وڌيڪ جڳهه گهيري ڇڏي) ۽ رستو روڪي ڇڏيو. اِن تي رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ماڻهوءَ کي موڪليو ته اهو هي اعلان ڪري ”بيشڪ جيڪو منزلون تنگ ڪري يا رستو روڪي ته ان جو ڪو جهاد ناهي.“ (ابو داؤد ج 3 ص 58 حديث 2629)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڑهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

# اچڻ واري جي لاءِ سُري ويهڻ سنت آهي

جيڪي ماڻهون پهرين کان وينل هجن انهن جي لاءِ سنّت هي آهي ته اچڻ واري جي لاءِ سري ويهڻ حضرت سيدنا واثِلہ بن خَطّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ شخص تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما هئا. رحمتِ دوعالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُن جي لاءِ پنهنجي جڳهه کان سُري ويا. اُن عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڳهه ڪُشاده موجود آهي، (اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سُرڻ جي تڪليف ڇو فرمائي!) فرمايائون: ”مسلمان جو حق هي آهي ته جڏهن ان جو ڀاءُ ان کي ڏسي ته ان جي لاءِ سُري وڃي“. (شعب الايمان ج 6 ص 468، حديث 8933)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ مسلسل سفر جي سعادت ۽ **مدني انعامات** جو رسالو ڀري جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿورڙي جڳهه ۾ برڪت ٿيندي ٻين جي لاءِ سُرڻ جي سنّت تي عمل جو ذهن ٺهجندو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **جنتُ البقيع** ۾ گهڻي ڪُشاده جڳهه نصيب ٿيندي.

زاہدِینِ دُنیا بھی رَشک کرتے عاصی پر
میں بقیعِ غَرقَد میں دَفن ہو اگر جاتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

## ٻين کان لڪي ڳالهہ ڪرڻ

حضرت سيّدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بيان آهي تہ رسول اڪرم، رَحمتِ عَالم نُورِ مُجَسَّم، شَاهہ بَنِي آدم نبي محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان ٽي هجو تہ ٻہ شخص ٽئين کي ڇڏي ڪري لڪي لڪي ڳالهيون نہ ڪريو جيستائين مجلس ۾ گهڻا ماڻهو نہ اچن. هي هن سبب کان تہ ان ٽئين کي ڏک پهچندو. (صحيح البخاري ج 4 ص 185 رقم الحديث 6290 دارالڪتب العلميہ بيروت) (تہ شايد منهنجي متعلق ڪجهہ چئي رهيا آهن يا هي تہ مون کي هن لائق نہ سمجهيائون جو پنهنجي گفتگو ۾ شريڪ ڪن ها وغيره)

## ڪنڌ اورانگهڻ

جيڪي ماڻهون جمعي جو پهرين کان اڳين صف ۾ ويهي چڪا هجن، دير سان اچڻ واري کي انهن جي ڪنڌن کي اورانگهي اڳيان وڃڻ جي اجازت ناهي. جيئن تہ سرڪار مَدِينہء مُنَوَّرَه، سَردارِ مَڪہء مُڪَرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عِبرت نشان آهي: "جنهن جمعي جي ڏينهن ماڻهن جي ڪَنڌن کي اورانگهيو اُن جهنّم جي طرف پل ناهيو." (ترمذي ج2 ص 48، حديث 513). ان جي هڪ معنٰي هيءَ آهي تہ ان تي چڙهي چڙهي ماڻهون جهنّم ۾ داخل ٿيندا.

(حاشيہ بهار شريعت ج1 ص762،761)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جمعو جي نماز جي لاءِ جلد مسجد ۾ حاضر ٿيڻ کپي، جيڪڏهن دير ٿي وئي، خطبو شروع ٿي ويو تہ

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

مسجد ۾ جتي پهتو هو اُتي ئي رڪجي وڃي هڪ قدم بہ اڳتي نہ وڌي. منهنجي آقا اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: خطبي جي حالت ۾ هلڻ حرام آهي. ايتري تائين علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن اهڙي وقت آيو جو خطبو شروع ٿي ويو تہ مسجد ۾ جتي پهتو اُتي ئي رڪجي وڃي، اڳيان نہ وڌي جو هي عمل هوندو ۽ خطبي جي حالت ۾ ڪو بہ عمل روا (يعني جائز) ناهي. (فتاوٰي رضويہ مُخرَّجہ ج8 ص 333) وڌيڪ فرمائن ٿا: خطبي ۾ ڪنهن طرف ڪنڌ ڦيري ڏسڻ بہ حرام آهي. (ايضا ص 334)

## ٻن جي وچ ۾ ويهڻ

جيڪڏهن بہ ماڻهو پهريان کان ويٺا هجن تہ انهن جي اجازت جي ٿي بغير انهن جي وچ ۾ ويهڻ سخت بداخلاقي ۽ **احترام مسلم** جي سراسر خلاف ورزي آهي. جيئن شهنشاهِ مدينہ، رَاحتِ قَلْبُ وَ سِينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نيشان آهي: ”ڪنهن شخص جي لاءِ هي حلال ناهي تہ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ انهن جي اجازت جي بغير جدائي ڪري ڇڏي.“ (أبو داود، ج 4 ص 344، حديث 4845) (يعني انهن جي اجازت جي بغير انهن جي وچ ۾ ويهي رهڻ حلال نہ آهي) حضرت سيّدنا حذيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي روايت جي مطابق جيڪو حلقي جي وچ ۾ وڃي ويهي اهڙو ماڻهو سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زَباني مَلعُون آهي. (ترمذي حديث 2762 ج 4 ص 346) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هي بہ فرمان آهي تہ هڪ شخص ٻئي کي ان جي جڳهہ کان اٿاري پاڻ نہ ويهي پر ويهڻ وارا ڪشادگي ڪري ڇڏين. (مسلم، ص1199 حديث 2177)

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دَانَاءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُّوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو شخص پنهنجي جڳهہ تان اٿي ۽ پوءِ واپس اچي وڃي تہ پنهنجي جڳهہ جو اهوئي وڌيڪ حقدار آهي. (مسلم، ص1199، حديث 2179)

## صف ۾ چادر رکي جڳهہ روڪڻ

منهنجي آقا اعلٰي حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ڪو شخص مسجد ۾ آيو هڪ جڳهہ تي وينو ٻيهر اٿي وضو جي لاءِ ويو ۽ پنهنجو ڪپڙو اتي ڇڏي ويو، ٻيو شخص اُن ڪپڙي کي ڪڍي اتي نہ ويهي ڇو تہ ويهڻ واري جو قبضو سابق (پهرين کان) ٿي ويو آهي. (پر هي قبضو ڪجهہ وقت لاءِ آهي جيئن تہ اڳيان هلي اعلٰي حضرت فرمائن ٿا:) اهڙو قبضو ڪجهہ وقت لاءِ مجيو ويندو آهي جيئن تہ ڪپڙو رکي وضو لاءِ وڃڻ ۾، ائين نہ جو مسجد ۾ پنهنجي ڪا شيءِ رکي ڇڏيو ۽ اها جڳهہ هميشہ اوهان جي لاءِ مخصوص ٿي وڃي تہ جڏهن اَچو بين تي تقديم (يعني فوقيت) پايو، هي هرگز ناجائز نا مقبول آهي. (فتاوٰي رضويہ ج 16 ص 148)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ مسلسل سنّتن ڀري سفر جي سعادت ۽ **مدني انعامات** جو هر مهيني ڪارڊ جمع ڪرائڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجلس جا آدب، ٻين جي حق تلفين ۽ دل آزارين کان پاسو ڪرڻ ۽ **احترامِ مسلم** بجا آڻڻ جو ذهن ٺجندو ۽ هن مدني تربيت جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ حج ۽ زيارتِ مدينہ شريف جو شرف حاصل ٿيندو ۽ اتي بہ هنن سنّتن تي عمل نصيب ٿيندو.

تيرے ديوانے سب، آئيں سُوئے عَرَب
ديکھيں سارے حَرَم، تاجدارِ حَرَم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل نہ ڏکايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **احترامِ مسلم** جو تقاضو هي آهي تہ هر حال ۾ هر مسلمان جي تمام حقن جو لحاظ رکيو وڃي ۽ بنا شرعي اجازت جي ڪنهن بہ مسلمان جي دل آزاري نہ ڪئي وڃي، اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن مسلمان جي دل نہ ڏکائي نہ ڪنهن تي طنز يعني ٽوڪ ڪئي نہ ڪنهن جو مذاق ڪيو نہ ڪنهن کي ڌڪاريو نہ ڪڏهن ڪنهن جي بي عزتي ڪئي بلڪ هر هڪ کي سيني سان لڳايو، بلڪ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

لگاتے ہیں اُس کو بھی سینے سے آقا

جو ہوتا نہیں منہ لگانے کے قابل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اُسوۂ حَسَنَہ

احترامِ مسلم بجا آڻڻ لاءِ اسان کي پنهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسوهء حسنہ کي سامهون رکي پيروي ڪرڻي پوندي، پارو21 سورة الاحزاب آيت نمبر21 ۾ ارشاد آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ توهان جي واسطي رسول الله جي پيروي بهتر آهي.

## اخلاقِ مصطفٰي ﷺ جون جهلڪيون

منهنجا منا منا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يقيناً سڀني مخلوقات ۾ سڀني کان وڌيڪ مڪرم، معظم ۽ محترم آهن. ۽ سندن هر حال ۾ احترام ڪرڻ فرض اعظم آهي. هاڻي توهان جي خدمت ۾ سيِّد المرسلين، جنابِ رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اخلاق حسنہ جون ڪجھ جهلڪيون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس جيڪي خاص طور تي **احترامِ مسلم** جي لاءِ اسان جي لاءِ رهنما آهن.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

❁ الله عَزَّوَجَلَّ جا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر وقت پنهنجي زبان جي حفاظت فرمائيندا هئا ۽ صرف ڪم جي ئي ڳالهہ ڪندا هئا ❁ اچڻ وارن کي مَحبَّت ڏيندا هئا، اهڙي ڪا ڳالهہ يا ڪم نہ ڪندا هئا جنهن سان نفرت پيدا ٿئي. ❁ قوم جي معزز فرد جو احترام فرمائيندا هئا ۽ ان کي قوم جو سردار مقرر فرمائيندا هئا ❁ ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف جي تلقين فرمائيندا هئا ❁ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي خبر گيري فرمائيندا هئا ❁ ماڻهن جي چڱين ڳالهين جي چڱائي بيان ڪندا هئا ۽ ان جي حوصلہ افزائي فرمائيندا هئا، بُري شيءِ کي بُرو ٻڌائيندا ۽ ان تي عمل کان روڪيندا هئا ❁ هر معاملي ۾ اِعتدال (يعني وچٿرائي) کان ڪم وٺندا هئا ❁ ماڻهن جي اصلاح کان ڪڏهن بہ غفلت نہ فرمائيندا هئا ❁ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿندي ويهندي (يعني هر وقت) ذِڪرُ الله ڪندا رهندا هئا. ❁ جڏهن ڪٿي تشريف وٺي ويندا هئا تہ جتي جڳهہ ملي ويندي هئي اتي ويهي رهندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان جي تلقين فرمائيندا هئا. ❁ پاڻ وٽ ويٺلن جي حقوق جو لحاظ رکندا هئا. ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر رهڻ واري هر فرد کي اهو ئي محسوس ٿيندو هو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي سڀني کان وڌيڪ چاهيندا آهن. ❁ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري گفتگو ڪرڻ واري سان گڏ ان وقت تائين تشريف فرما رهندا هئا

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جيستائين اهو پاڻ نه هليو وڃي. ❀ جڏهن ڪنهن سان مصافحو فرمائيندا (يعني هٿ ملائيندا هئا) ته پنهنجي هٿ چڪڻ ۾ اڳرائي نه فرمائيندا هئا ❀ سائل (گهرڻ واري) کي عطا فرمائيندا هئا ❀ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت ۽ خوش خُلقي هر هڪ جي لاءِ عام هئي ❀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مجلس علم، بُردباري، حياء، صبر ۽ امانت جي مجلس هئي ❀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ نه شور شرابو هوندو هو نه ڪنهن جي بي عزتي. ❀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ ڪنهن کان ڀُل ٿي ويندي هئي ته ان کي شُهرت نه ڏني ويندي هئي. (شمائل ترمذي ص 193.192) ❀ جڏهن ڪنهن جي طرف متوجهه ٿيندا هئا ته مڪمل توجهه فرمائيندا هئا. (شعب الايمان حديث1430) ❀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جي چهري تي نظر نه ڄمائيندا هئا. (احياءالعلوم ج2 ص 442) ❀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪنواري ڇوڪريءَ کان به وڌيڪ با حيا هئا. (شمائل ترمذي ص 203) ❀ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا. (شعب الايمان حديث 1430) ❀ ٻارن کي به سلام ڪندا هئا. ❀ جيڪو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي سڏيندو هو جواب ۾"لبيڪ" (يعني آئون حاضر آهيان) فرمائيندا هئا. (وسائل الوصول ص207) ❀ مجلس وارن ڏانهن پير نه فرمائيندا هئا. ❀ اڪثر قبلي ڏانهن چهرو ڪري ويهندا هئا. ❀ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن به ڪنهن کان بدلو نه وٺندا هئا. ❀ برائي جو بدلو برائيءَ سان ڏيڻ جي بجاءِ معاف فرمائي ڇڏيندا هئا.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

(احياءُالعلوم ج 2 ص 448،449) ❀ راهِ خدا ۾ جهاد کانسواءِ ڪڏهن به ڪنهن کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان نه ماريو نه ڪنهن غلام کي ۽ نه ئي ڪنهن عورت (يعني گهر واري وغيره) کي ماريو. (شمائل ترمذي ص197)
❀ گفتگو ۾ نرمي هوندي هئي، (احياءُ العلوم ج 2 ص 451) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه تعالٰي جي ويجهو قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀني کان بُرو اهو آهي جنهن کي ان جي بدڪلامي جي سبب ماڻهو ڇڏي ڏين. (مسلم، ص 1398 حديث2591) ❀ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گالهائيندا هئا ته (هن قدر نهراءُ هوندو هو) جو لفظن کي ڪو ڳڻڻ وارو ڳڻي سگهندو هو. (بخاري حديث3567) ❀ طبيعت ۾ نرمي هئي ۽ سدا بهار رهندا هئا ❀ رڙيون نه ڪندا هئا ❀ سخت گفتگو نه فرمائيندا هئا ❀ ڪنهن کي عيب نه لڳائيندا هئا ❀ بُخل نه فرمائيندا هئا ❀ پنهنجي مبارڪ ذات کي بالخصوص ٽن شين جهڳڙي، تڪبُّر ۽ غير ضروري شين کان بچائي رکندا هئا ❀ ڪنهن جو عيب تلاش نه ڪندا هئا ❀ ڪنهن کي به پنهنجي نفس جي خاطر بُرو ڀلو نه چوندا هئا ❀ صرف اها ئي ڳالهه ڪندا هئا جيڪا (پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حق ۾) باعثِ ثواب هجي ❀ مسافر يا اجنبي جي سخت ڪلام وارن سوالن تي صبر فرمائيندا هئا ❀ ڪنهن جي ڳالهه کي نه ڪٽيندا هئا پر جيڪڏهن ڪو حد کان گذرڻ لڳندو هو ته اُن کي منع فرمائيندا هئا يا اُٿان کان اٿي ويندا هئا. (شمائل ترمذي ص199،200 مُلَخَّصًا) ❀ سادگيءَ جو عالم هي هُيو جو

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ويهڻ جي لاءِ ڪا مخصوص جڳهه به نه رکي هئي. (اخلاق النّبي وآدابہ ص15)
❁ ڪڏهن تڏي تي ته ڪڏهن ايئن ئي زمين تي آرام فرمائيندا هئا. (وسائل الوصول ص189) ❁ ڪڏهن به ٽهڪ (يعني ايتري آواز سان کِلڻ جو ٻيا ماڻهو هجن ته ٻڌي وٺن) نه لڳائيندا هئا. (احياءُالعلوم ج2 ص446)
❁ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان فرمائن ٿا: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سب کان زياده مسڪرائڻ وارا هئا (يعني موقعي جي مناسبت سان). (احياءُالعلوم ج2 ص453) حضرت عبداللّٰه بن حارث رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون رسول اللّٰه کان زياده مسڪرائڻ وارو ڪوبه نه ڏٺو.
(شمائل ترمذي ص136)

يا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں
اُن تبسُّم ریز ہونٹوں کی دُعا کا ساتھ ہو (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رِسَالَت، شَهنشاهِ نُبُوَّت، مُصطَفٰي جانِ رَحْمَت شمعِ بَزمِ هدايت، نوشہَ بزمِ جنّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج9 ص343)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب وترهيب)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”قطع رِحمي حرام آهي“ جي 13 حرفن جي نسبت سان صلہ رحمي جا 13 مدني گل

❁ فرمان الٰهي وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىْ تَسَآءَ لُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ **ترجموڪنزالايمان: ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو.** هن آيت مبارڪ جي تحت ”تفسير مظهري“ ۾ آهي: يعني توهان قطع رحم (يعني رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ) کان بچو. (تفسير مظهري ج2 ص3) ❁ 7 فرامين مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ❁ جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو اُن کي کپي ته صِلَہ رِحمي ڪري (بخاري ج4 ص136 حديث 6138) ❁ قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ ۾ ٽن قسمن جا ماڻهون هوندا، (انهن مان هڪ آهي) صلہ رحمي ڪرڻ وارو (الفردوس بمأثور الخطاب ج2 ص99 حديث 2526) ❁ رشتو ٽوڙڻ وارو جنّت ۾ نه ويندو. (بخاري ج4 ص97 حديث 5984) ❁ ماڻهن مان اهو شخص سڀ کان سٺو آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، گهڻو متّقي هجي، سڀ کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ صِلَہ رِحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) ڪرڻ وارو هجي. (مسند امام احمد ج 10 ص402 حديث 27504) ❁ بيشڪ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

افضل ترين صدقو اهو آهي جيڪو دشمني لڪائڻ واري رشتيدار تي ڪيو وڃي. (ايضًا ج9 ص138 حديث23589) ❁ جنهن قوم ۾ قَاطعِ رِحَم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي، اُن قوم تي الله جي رحمت نازل نہ ٿيندي آهي. (الزواجر ج2 ص153) ❁ جنهن کي هي پسند هجي تہ اُن جي لاءِ (جنّت ۾) گهر ٺاهيو وڃي ۽ اُن جا درجا بلند ڪيا وڃن، اُن کي کپي تہ جيڪو اُن تي ظلم ڪري هي اُن کي معاف ڪري ۽ جيڪو هن کي محروم ڪري هي اُن کي عطا ڪري ۽ جيڪو هن سان قطع تعلق ڪري هي اُن سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي. (المستدرڪ ج3 ص12 حديث 3215) ❁ **حضرت سيِّدنا فقيہ ابو اللّيث سمرقندي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا، صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ٿيندي آهي، ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي، فرشتن کي خوشي ٿيندي آهي، مسلمانن جي طرف کان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي، شيطان کي اُن کان ڏُک پهچندو آهي، عمر وڌندي آهي، رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي، فوت ٿي ويل ابا ڏاڏا خوش ٿيندا آهن، پاڻ ۾ مَحبَّت وڌندي آهي، وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڇو تہ ماڻهون ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن. (تنبيہ الغافلين ص73) ❁ **دعوت اسلامي جي** اشاعتي اداري **مڪتبہ المدينہ جي** مطبوعہ **1196** صفحن تي مشتمل ڪتاب، "**بهار شريعت**" جلد 3 صفحي **558** کان **560** تي آهي: **صِلَۂ رِحم جي معنٰي رشتو جوڙڻ** آهي يعني رشتي دارن سان نيڪي ۽ سلوڪ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

ڪرڻ. سڀ امّت جو ان تي اتفاق آهي تہ **صِلَہء رِحم** ”واجب“ آهي ۽ قطع رحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) ”حرام“ آهي. جنهن رشتي وارن سان صِلَہء (رِحم) واجب آهي اهي ڪير آهن؟ ڪجھ عالمن فرمايو: اهي **ذُورِحَم مَحرَم** آهن ۽ ڪجھ عالمن فرمايو: ان ڪان مراد **ذُو رِحَم** آهن، محرم هجن يا نہ هجن. ۽ ظاهر اهو ئي ٻئي نمبر وارو قول آهي، **حديثن** ۾ مطلقًا (يعني بغير ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صِلَہء (يعني سٺي سلوڪ) ڪرڻ جو حڪم ايندو آهي، قران مجيد ۾ مطلقًا (يعني بلاقيد) ذِوِي الْقُربٰي (يعني قريبي رشتيدار) فرمايو ويو پر هي ڳالهہ ضروري آهي تہ رشتي ۾ ڇو تہ مختلف درجا آهن (اهڙي طرح) صِلَہء رِحم (يعني رشتيدارن سان حسن سلوڪ) جي درجن ۾ بہ تفاوت (يعني فرق) هوندو آهي. والدين جو مرتبو سڀ ڪان وڌيڪ آهي، ان ڪان پوءِ ذورحم محرم جو، (يعني اهي رشتيدار جنهن سان خانداني رشتو هئڻ جي ڪري نڪاح هميشہ حرام هجي) ان ڪان پوءِ باقي رشتيدار جو علي قدرِمَراتِب. (يعني رشتي ۾ ويجهڙائي جي ترتيب جي مطابق). (ردّ المحتار ج9 ص 678) ❁ صِلَہء رِحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) جون مختلف صورتون آهن، اُنهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڳالهہ ۾ توهان جي مدد درڪار هجي تہ هِن ڪم ۾ اُن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان لطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر ج1 ص323) ❁ جيڪڏهن هي شخص

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي دُرودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پرديس ۾ آهي ته رشتيدارن ڏانهن خط موڪليندو ڪري، انهن سان رابطو جاري رکي ته جيئن بي تعلّقي پيدا نه ٿئي ۽ ٿي سگهي ته وطن اچي ۽ رشتيدارن سان تعلُّقات تازا ڪري، ائين ڪرڻ سان مَحبَّت ۾ اضافو ٿيندو. (ردّ المحتار ج9 ص678) (فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي به رابطي جي ترڪيب مفيد آهي) ❁ صِلَهٴ رِحمي انهي جو نالو نه آهي جو اهو سٺو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪريو، اهو ته حقيقت ۾ مڪافات يعني اَدلو بَدلو ڪرڻ آهي جو ان توهان ڏانهن شيءِ موڪلي ڏني توهان ان ڏانهن موڪلي ڏني، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هلي ويا. حقيقت ۾ صِلَهٴ رِحم (يعني ڪامل درجي جو صِلَهٴ رِحم) اهو آهي ته اهو ٽوڙي ته توهان جوڙيو، اهو توهان ڪان جدا ٿيڻ چاهي ٿو، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪري ٿو ۽ توهان ان سان رشتي جي حقوق جي رعايت ڪريو. (ايضا)

هزارين سنّتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل به ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صحفن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ هديةً حاصل ڪري ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر به آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | مڙس جا حق | 18 |
| ڪوڙو سڪو | 1 | مڙس جو گهر نہ ڇڏي | 18 |
| دعوت اسلامي چا تي چاهي | 2 | لوڻ گهٽو وجهي ڇڏيو | 16 |
| ٽي شخص جنت کان محروم | 3 | اڪثر عورتن جي جهنّمي هجڻ … | 18 |
| دَيوث جي معنيٰ | 3 | پاڙيسرين جي اهميت | 19 |
| مرداڻي لباس واري جنّت کان محروم | 5 | اعليٰ ڪردار جي سند | 20 |
| وڏي ڀاءُ جو احترام | 6 | امير قافلہ ڪهڙو هجي ؟ | 20 |
| اولاد کي ادب سيکاريو | 6 | ٻچيل شيون ٻين کي ڏيڻ جي ترغيب | 21 |
| گهرن ۾ مدني ماحول نہ هجڻ جو … | 7 | ماتَحتن جي باري ۾ سوال تيندو | 21 |
| گهروارن کي دوزخ کان ڪيئن بچايون | 8 | ڪمن جي ورهاست | 22 |
| رشتيدارن جو احترام | 8 | ٻين کي پنهنجي سيٽ تي جڳهہ ڏيو | 23 |
| صِلہء رحمي جي معنيٰ | 9 | مدني قافلي ۾ سفر ڪريو | 23 |
| ڪهڙن رشتيدارن سان صِلہء … | 9 | وڌيڪ جڳهہ نہ والاريو | 24 |
| ذو رِحَم مان مراد | 10 | اچڻ واري جي لاءِ سُري ويهڻ … | 25 |
| رشتيدار ٻئي ملڪ ۾ هجن تہ چا … | 12 | ٻين کان لڪي ڳالهہ ڪرڻ | 26 |
| رشتو ٽوڙڻ جي هڪ صورت | 12 | ڪنڌ اورانگهڻ | 26 |
| صِلہءِرحم هي آهي تہ اهو ٽوڙي … | 13 | ٻن جي وچ ۾ ويهڻ | 27 |
| ناراض رشتيدارن سان صلح ڪري وٺو | 13 | صف ۾ چادر رکي جڳهہ روڪڻ | 28 |
| يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ جي … | 14 | دل نہ ڏکايو | 29 |
| عورت سان نباهڻ جي ڪوشش ڪريو | 15 | اُسوه حَسَنَہ | 30 |
| گهرواريءَ سان نرميءَ جي فضيلت | 15 | اخلاقِ مصطفيٰ ﷺ جون جهلڪيون | 30 |
| عورت سان درگزر جو معاملو رکو | 16 | صلہ رحمي جا 13 مدني گل | 35 |


### هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

والسلام مع الاکرام

طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



www.dawateislami.net

